
ماهتاب محبوب

# جيءَ جهروڪا

(هند، سنڌ جي ليکڪن جا خاڪا)

ماهتاب محبوب

ارم پبليڪيشن 312/D يونٽ 6 لطيف آباد
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو : پھريون
ڳاڻاٽو : ٻه هزار
سال : ڊسمبر ١٩٨٢ع
ڇپائيندڙ: تاج ٻلوچ
ڇپيندڙ: سنڌ اڪيڊمي پرنٽرس، حالي روڊ حيدرآباد (شروعاتي ١٦ صفحا پرفيڪٽ پرنٽرس صدر حيدرآباد ۾ ڇپيا)
سرورق: فتاح

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

Digitized by
M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت ٠٠-٢٥ رپيا

لکپڙهه لاءِ :
'ارم پبليڪيشن'
312/D يونٽ 6، لطيف آباد حيدرآباد سنڌ

پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنين ڀَسيو جِنڊُ کيءِ جيءَ جهروڪن مان،
لِڪ لڪايون ڪيترو، آڏون اڪيڙين ڪان،
وِجهي هَٿَ هِيانءَ، لهن مَنجهُم وجود جو.

— ذوالفقار راشدي

سيد حسام الدين راشديءَ
جي ڏالي

ــــ ماهتاب محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچور


| | |
|---|---|
| O پبلشر پاران ... | |
| O پنهنجي پاران | |
| O پ لفظ | ٩ |
| O مهاڳ | ١٢ |
| O جيئن چنڊ لڪي ڪوتارن ۾ | ١٧ |
| O سچ، سونهن ۽ پلاڻيءَ جو عاشق | ٣٢ |
| O سنڌي ٻوليءَ جو بي تاج بادشاهه | ٤٠ |
| O ساگر ڪان گهرو ..... هيري ڪان سخت | ٦٦ |
| O شهنشاهه مرڪ | ٨٧ |
| O هري هرڪيولس | ٩٨ |
| O ادبي ولين، ادبي هيرو | ١٠٢ |
| O شاداب من، شاداب چهرو | ١١٧ |
| O آمر، آمر | ١٢١ |
| O فرسٽ جينٽلمين | ١٢٥ |
| O ڪرتين جو ڪوڏيو | ١٣٠ |
| O سندر من، مندر | ١٤٣ |
| O سنڌي ادب جي خاتون اول | ١٥٠ |
| O قربانيءَ مزاج واري ليکڪا | ١٥٥ |
| O سنڌي ادب جو گلدستو | ١٦٠ |
| O سنڌي ادب جو ڪمپيوٽر | ١٦٨ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

هن ڀيري ماهتاب محبوب جو پنجون ڪتاب آڇيندي مون کي ايڏي خوشي ٿي رهي آهي، جهڙي مون کي سندس ڀورين ڪهاڻين جي مجموعي، ”چانديءَ جون تارون“ پيش ڪرڻ تي ٿي هئي- مون اڄ کان تيرهن سال اڳ، ماهتاب جي فن ۽ مزاج جي پاڪيزگيءَ جي مهانتا کي پرکيندي، جيڪا اڳڪٿي ڪئي هئي، سا اڄ نه رڳو پوري ٿي آهي، پر ماهتاب جي مهانتا جو چرچو، هند- سنڌ ۾ هلي رهيو آهي.

منهنجي دعا آهي ته سندس فن ۽ فڪر کي ڪنهن جي بدنظر نه لڳي ۽ ماهتاب محبوب پنهنجي خلوص، ديانت ۽ دردمنديءَ سان، دکي انسانيت جي خدمت ڪندي رهي.

نياز مند:
(تاج بلوچ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳالهه تي سدائين ساڻس جهيڙو ڪريان.

جڏهن راشدي صاحب سان منهنجي ساهرن سڳورن جو سڀ سيٺپي وارو سڱ ٿيو ته اسانجي ملاقات جو به مورت ڪليو، تڏهن پتو پيم ته عبدالواحد سنڌي صاحب تي نينگرين ڪارڻ وارو الزام تنگ دلي سبب نه پر محض پنهنجي مخصوص مزاح واري انداز ۽ ادا سان ڪيس چيڙائڻ لاءِ هو، جنهن هو راشدي صاحب کي چوي: ”هئه! زوراور مارائين ٿو.“

پر اها حقيقت آهي ته راشدي صاحب ڳالهيون برابر ڪيس مارائڻ واريون ڪندو آهي جو سدائين کان سندس اها خواهش رهي آهي ته سنڌي صاحب هڪ وار وري ’آڪريءَ‘ ۾ مٿو ڏيئي نيئن سنئين سنڌي ’گهر‘ ڪري ۽ ٺيٺ سنڌي ڪپڙا پائي.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته راشدي برادران چمندي چام آهن، نه انهن ڪنهن مدرسي اسڪول جو منهن ڏٺو نه ئي ڊگرين جي چڪر ۾ وسن جهڙي عمر ڳاري- پر خانگي طور عربي، فارسي، انگريزي ۽ سنڌي ۾ جيڪا تعليم حاصل ڪئي اٿن تنهن سان اعليٰ ڊگرين وارن جي پڄڻ جي پيٺي ناهي، وٽن علم جا آهي پنڊار پريل آهن جو سنڌي ادب جا وڏا عالم دانشور ۽ محقق پنهنجي پياري سنڌ جي تاريخ سندن علمي ادبي خدمتن سان سٺي پئي آهي.

چمندي چام پنهنجي ڪمزورين يا ڪوتاهين جو اعتراف ڪندي ڪا هٻڪ محسوس ڪونه ڪن- پوءِ ڏائو ڪيڏيون ئي ڏاڙون هڻي پاڻ پڏائي ته به ڪنهن جي اک نه ٻڏندي، راشدي صاحب کي پنهنجي ڪمزورين جو اعتراف ڪندي ڪا هٻڪ محسوس نه ٿيندي آهي- مونکي سندس اِها سچائي نهايت ئي موهيندڙ لڳي جنهن جو اظهار هن پنهنجي ڪتاب ’هو ڏوٿي، هو ڏينهن‘ ۾ ڪيو آهي ته هڪ ادبي محفل ۾ پهريون ڀيرو اسٽيج تي شعر پڙهندي ڪيس ڪيڏي نه ڦڦڙي لڳي ڪيڏيون نه ڪُشڪيون چڙهيون ڪيئن نه سندس همٿ ڏڪيا دل ڌڙڪي ۽ ٽنگن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِن ملاقات جي ڪجهه ڏينهن بعد تاج جو ڪراچيءَ کان فون آيو. هو ڏاڍو سرهو پئي لڳو، چيائين:

”راشدي صاحب مونسان مليو هو، مونکي پرچائيندي وڏا ٻاڪر ٻاتائين، ڏاڍا پيار ڪيائين!“

مان راشدي صاحب جي عظمت جي ته اڳ ئي قائل آهيان پر سندس ان روپ مونکي ويتر هنجو معتقد بنائي ڇڏيو. هن تاج جي هيانءُ تان ڪس لاهي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو عظيم ليک بنجڻ کان پهريائين عظيم انسان آهي. دلين تان ڪس لاهي ان تي قلعي ڪرڻ جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهه ناهي، اِهي ڪاريگريون به راشدي صاحب جي حصي ۾ وڏيڪ آيون ٿيون ڏسجن.

ڪراچي ۾ ڪنهن گهر جي دل سان ماني کاڌي اٿم ته اهو راشدي صاحب جو ’علي رضا هاؤس‘ آهي. سندس وڏي ڀاڄائي محترمه، بي بي امان جي هٿ ۾ جيڪا شيري ۽ سواد سمايل آهي تنهن جي جيتري ساراه ڪجي گهٽ آهي. مونکي دال ڳارڻ جو آسان طريقو ان محترم هستيءَ سمجهايو نه ته ان دال محشر ئي رولي ڇڏيو هو. ايڏو سارو پاڻي وجهڻ کانپوءِ به نه ڳرندي هئي پر جڏهن کان پيراڻي هٿن واري حڪمت جو طريقو اختيار ڪيو اٿم ته ٻن چڪن ۾ ئي اڌو ٿيو وڃي. سندس ئي هٿ جو ڪوڪ پلو ماسٽر چندر گهراڻي لاءِ سوڪڙي ڪري بمبئي کڻي ويئي هئس، جن جو اِن سوادي پلي مان جيءُ نٿي پليو.

پلي کائڻ جو راشدي صاحب پڻ شوقين آهي. هڪ وار سندس فرمائش تي ٽن قسمن جو پلو تيار ڪيم. کائڻ ٿي ويٺاسين ته ڪا وسريل ڳالهه ياد اچي ويس. سرڪي چوڻ لڳو:

”جڏهن دوستيءَ کي چاليهه سال گذرندا آهن ته پوءِ کارائبو آ پلو، ان کان اڳ هرگز نه-“

مون سمجهيو ڪٿي سچ پچ نه منهنجي محنت برباد ٿئي، ان ڪري تڪڙ ۾ ورائيم:

”چاليهه مهنا ته ٿي ويا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چاهيم پي ته دل جي گهراين مان نڪتل ڪي سٺا لفظ هن تائين پهچايان پر اهڙا ڪي لفظ ئي نه پي سجهيا.... مونکان ته سڀ ڪجهه وسري ويو ۽ الائي ڇا جو ڇا ڳالهائي ويس! هو مرڪيو، مرڪ ۾ هن جي شوخي شامل هئي جيڪا شايد ته منهنجي تسلين ۽ دلدارين جا ليڪچر ٻڌي سونهي آئي. اسانجون دعائون آهن ته شال سندس اهي شوخ مرڪون سدائين قائم هجن ۽ هو جلدي صحتياب ٿي اچي دوستن کي قربن ڀريون سٿسريون ٻڌائي محفلون مچائي ۽ جلال چانڊئي جي ڪيسٽ سان گڏ ادبي جلال چانڊين تي به تبصرو ڪري.

—

ڇا پيئون.“

سفيد پوشاڪ جو شائق، پروفيسر رام پنجواڻي جنهن کي سندس شيدائي لفظن جو جادوگر ڪري ڏٺا ڪونئين، تنهن جي اها حيرت انگيز تقرير مونکان ڪڏهن نه وسرندي.

سندس مهانڊن لاءِ مان عمارتن ۽ کنڊرن جو رازڪي نوعيت وارو شعر ڪونه ورجائيندس جيڪو عام طور وڏي ڄمار جي خوبرو ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي. هن جي مهانڊن ۾ ته اڄ به اهائي مٺيا آهي جيڪا مٺيادارن جو مقدر آهي پيشانيءَ ۾ اهوئي شان آهي جنهن سان شاندار شخصيتن جي شناس ٿئي- نه ته ڇا عمر ۽ ڇا جگر! اهي سندس ئي زنده دليون آهن جيڪي ستر ورهيه جي ڄمار ۾ کيس تازو توانو، نئو بنو رکنديون اچن- ڇا جا ڪاڙها ڦڪيون، ڇا جا چڪن چوزا، ڇاجون مساج مالشون، جن جي اڪثر وڏي ڄمار ۾ ضرورت پوندي رهندي آهي. هو پنهنجي هانوَ جي سوجهري، ارادي جي سگهه ۽ فن جي دنيا سان وابستگي جي ڪري ڪيترن ئي جوانن کان اڳرو آهي- قدرت جي هن تي خ ص عنايت آهي ته جنهن به ڪم ۾ هٿ وجهندو، ان ۾ آوس سوڀارو ٿيندو پر ان لاءِ کيس ڪو تڪبر ناهي- وس پڄندي پين کي به تڪبر ڪرڻ کان روڪيندو رهندو آهي- هو رب جي رضا جا تورا، خوشيءَ جا لُڙڪ لاڙي جيئندو آهي. هر وقت قادر جي قدرت جا گُڻ ڳائيندڙ هي فنڪار، ليکڪ، شاعر ناٽڪ نويس ۽ ميوزيشن پنهنجو مثال پاڻ آهي- منجهس هڪ خوبي هجي ته سان بنا اوني ان جي ڪير پئجي پنا ڪارا ڪريان، هو ته گُڻن جو گلدستو آهي، ڪهڙا گُڻ ڳائي ڪهڙا ڳائجن. هند ۾ ڪو ڪتاب، رسالو، ڪا محفل ۽ اهڙو گهر ناهي جنهن ۾ هن جي خداداد قابليتن جو ذڪر نه ٿيو هجي- هن جي زندگيءَ جو ڪوبه اهڙو رخ رهيل ناهي جنهن تي لکيو يا ڳالهايو نه ويو هجي.

نظرن جون سرچ لائٽون ڇوڙاري مٿس پيون آهن جن کيس سڄي هندستان ۾ ايئن پڌرو ڪري رکيو آهي جئين نيري آسمان تي سج. هن جون جيتريون ڇڳايون لکندس ان مان ته هرڪو

موتين جي وَرکا ڪري، ڏکن ڀري زندگيءَ کي سکن جي سيج بڻائي ڇڏيندو آهي.

ستر سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ به هن جي دلي خواهش آهي ته باقي سالن جو به هڪ هڪ پل وڌ کان وڌ ڪارائتو ڪري. هن جو چوڻ آهي ته زندگيءَ جو مقصد ماڻهن جي جدوجهد آخري وقت تائين جاري رکڻ گهرجي- جيتري زندگي هجي اوتريون اميدون به هجن، اميدون پوريون ٿي وڃن ته ڄڻ زندگي جو انت اچي وڃي.

اڄڪلهه هو ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڇڏي سيتا سنڌو ڀون، کي صحيح معنيٰ ۾ سنڌيت جو مرڪز بنائڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو آهي- ان نيڪ مقصد لاءِ ڪيس هر هنڌان سهڪار جي پڪ ڏياري پئي وڃي. مونکي يقين آهي ته سندس اهو خواب جيڪو هو سالن کان ڏسندو اچي، ضرور حقيقت جو روپ وٺندو. پنجواڻي سنڌين جو قيمتي سرمايو آهي، انمول ملڪ آهي، جنهن کي ساهه سان سانڍي رکڻ هر سنڌيءَ جو فرض آهي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڇي ٻي“ ڪوپ اڳتي وڌايائين. مون سندس همٿ نه موٽايو ۽ لاچار ڪانئس چانهه ورتي. اهڙي ڪڙڪ جهڙي زهر، ڪير جو بنهه اڌ ڦڙو! هڪ ڍڪ زهر مار ڪيم ته روح ئي ڦري ويو.

”الائي اهڙي چانهه توهان ڪيئن ٿا پيو. مان ته اهو زهر پي جيڪر مري وڃان!“ ڪوپ واپس رکندي چيم.

”چانهه پيئڻ جو ذوق پيدا ڪر، پوءِ ڏسجان ته ڪهڙو نه سٺو ٿو لڳين.“

”چڻ مان خراب لڳندي رهي آهيان.“

”ٻڌ ٻڌ ٻڌ!“ هن اکيون بند ڪري مخصوص انداز ۾ سمجهائيندي چيو: پر مان ڪجهه ٻڌڻ کان اڳ، ’موجهرو‘ ۾ ڇپيل پنهنجي ڪهاڻي ’ڏکو پير پيران‘ ۽ ’ٻک جا چڪ‘ جو حوالو ڏيندي چيم:

”انهن تي جيترا خط آيا، اوترا ڪڏهن اوهان جي اسٽورين تي آيا؟“

”مڙئي نياڻي نماڻي ڏسي، تنهنجي مٿي تي همٿ رکيائون- وري دادو ۽ عمرڪوٽ وارن جا خط! انهن عام پڙهندڙن کي ڪهڙي ڪهاڻيءَ جي خبر.“

”تڏهن مون کي امريڪا يا انگلنڊ مان خط اچن؟ توهان کي خبر آهي، ته مان انهن عام پڙهندڙن لاءِ ئي خاص طرح سان لکندي آهيان.“

”مان جي شاگردي قبول ڪر، مڃائي ڪاراءِ، پوءِ ڏس مان توکي ڪامياب ڪهاڻين لکڻ جا ڪهڙا ٿو گر ٻڌايان.“

”اهڙي ڪائي ضرورت ناهي، اوهان جي شاگرد ٿي پنهنجي ڪئي ڪمائي ڪَٽ ڪريان.“

’ڪير پتي‘ چانهه تي هريل محبوب، نسيم جو ڏاهيل ’ڪاڙهو‘ پيئندي، ڪنهن سهل هلڪي مٺي مرڪ به پي مرڪيو، ته صورتحال کي نازڪ موڙ تي محسوس ڪندي، مون کي اکين ئي اکين ۾ تنبيهه به پئي ڪيائين؛ جڻ چوندو هجي: ’گهر آئي مهمان سان ائين نه ڳالهائبو آهي‘ پر مهمان جو سدا لائي ويهي، ته پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ٻالهه محبوب ٻڌائي، جنهن سان هو ڪراچيءَ ويو هو، ته دگ تي ٻڌود ۾ اچي، ڪيس ٻئي ٻئي مصراعون ٻڌايون هئائين. ڪي ڏينهن ڏهاڙا ڪيس ايلاز ڪيائين، ته مس مس مون کي ٻه ٻڌڻ جو موقعو مليو. پوءِ هڪ ٻه ڀيرو وري ٻه ٻڌايائين، جي ان شرط تي ٽيپ ڪيامين، ته ڪنهن کي نه ٻڌائيندا سين.

نسيم سان جن ڏينهن اهي محفلون مچنديون هيون، ته محبوب ۽ مان گهڙي تي سنگت ته نه، پر ميز ڪرسيءَ تي وجت ڪري سرتال ۾ پيا سنگت ڪندا هئاسون. هڪ ڀيري نسيم چيو: ”ماکي پئو ٿو ٿئي، جي اهڙوئي ٻائڻ وڃائڻ جو شوق رهيوسين، ته اديبن مان ڦري تارا گهنشام واري پارٽي نه ٿي پئون!“

ڪڏهن ڪڏهن چڙي ٻه پوندو: ’مان ڪو ميراثي ٿورئي آهيان.‘ پر جي ڪڏهن موڊ ۾ هوندو ۽ طبيعت ۾ ترنگ هوندس، ته ڪونه ڪو انگريزي راڳ ئي ٻڌائي وجهندو:

ماءِ گرل از اي ڪوڪر
شي از بُش بوڪر
ڊينس ويئر آر ماءِ مني گوز
شي گاٽ اي لٽولي هپ
جسٽ لائيڪ اي بيٽل شپ
ڊينس ويئر آر ماءِ مني گوز
شي گاٽ اي لٽولي ليگ
جسٽ لائيڪ اي وسڪي پيگ
ڊينس ويئر آر ماءِ مني گوز
شي گاٽ اي لٽولي آئيز
جسٽ لائيڪ اي ڊائمنڊ فائيو
ڊينس ويئر آر ماءِ مني گوز

هر ڪهاڻيڪار وانگر نسيم به ڏاڍو حساس ۽ پورالو آهي. هڪ ڀيري اسين سڀ ٻارين ٻچين ڪار ۾ حيدرآباد کان ڪراچي وڃي رهيا هئاسين. نسيم به پنهنجا ڪجهه ڪيسٽ ساڻ کنيا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو پوءِ ڪيس ايترو ته ارمان ٿيو جو ما گهڻين بيمار ٿي پيو. بيماريءَ ۾ هن قرآن پڙهيو:

'سڀئي انسان ڪي ميوي دار وڻ جيان هئڻ گهرجي، ڪير هنکي پٿر هڻي ته موٽ ۾ وڻ ميوو ڏي.' قرآن پڙهي هن روئي ڏنو ۽ ان شخص کان معذرت ڪندي پنهنجي لفظن تي ڏک ظاهر ڪيو. اها ئي ڳالهه آهي ته ان چڱي مڙس وري اهو معذرت نامو در در ڏيکاري ڪيس خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته، "اي لوڪو، ڏسو. ڪيئن نه پنهنجي گناهن جي مونکان معافي گهري اٿس. ها ها ها!"

ڪلپنا جتي پير رکي اتي دشمني رکي ڪونه سگهي. سندس مخالف گهڻئي آهن پر دشمن هڪ به نه، منگها رام ملڪاڻي، رام پنجواڻي کان وٺي هري تنواڻي ۽ نند ڇڳاڻي تائين مڙني ڏهين جي اديبن سان سٺا تعلقات اٿس. هو آزاد سوچ ۽ فطرت جو مالڪ آهي. پنهنجي ڪردار جي پاڪيزگيءَ تي ناز اٿس جنهن جو مثال هن نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪندي چيو:

"منهنجو من جامع مسجد آهي، جتي فرشتا نمازون پڙهڻ ايندا آهن."

اها آبزرويشن رگهو موهن جي پنهنجي ناهي. پيا به ڪيس ان نظر سان ڏسن ٿا.

ڳلن ۾ تورڻ جهڙو اسانجو پاڙو، مشهور ليکڪ وشنو ڀاٽيا، جيڪو هڪ نيڪ انسان آهي ۽ نيڪ انسانن جو قدر ڪري ڄاڻي تنهن موهن کي چرچ جهڙو مقدس ڄاڻيندي چيو:

"امريڪا ۾ گرجا گهرن طرفان اعلان ٿيل آهي ته جنهن کي به خود ڪشي ڪرڻ جو خيال اچي ته اهي فقط هڪ دفعو اسان سان ڳڌجن. سونکي جڏهن آتم هتيا ڪرڻ جو خيال ايندو آهي ته مان تو وٽ هليو ايندو آهيان ۽ اچان ته مان زنده آهيان."

سنڌ ڌرتيءَ جو سچو سپوت هئڻ جي ناتي شرافت، غيرت ۽ خود داريءَ سان ڳڌ ٿورو ٿورو غرور به اٿس، جو سر گهڻئي دفعا وڍايو اٿس پر ڪٿي جهڪايو نه اٿس. پنهنجي ارمانن ۽

سنهنجي حوالي سان هڪ بيان لکيو جنهن ۾ پاڪ‌ڀارت اتحاد، ن ۽ ترقيءَ جو حامي ڪوئنيندي نفاقن ۽ ورهاڱن کان نفرت جو اظهار ڪيو. مون ڪلپنا جي سچي ۽ کري جذبن وارو بيان ڇپائڻ جي انڪري ضرورت محسوس نه ڪئي جو ان کي جن پڙهيو انهن ذريعي ايڏي ته شهرت حاصل ٿي جو ڇپجڻ سان به نه ٿئي ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪن اهو افواه هلايو ته مون اهو بيان 'اندر جنين‌آج' جي پڌرائي جي موقعي تي فوٽو اسٽيٽ ڪري پبلڪ ۾ وراهيو. پر ثابتي‌طور هو اهڙي ڪا ڪاپي پيش ڪرڻ کان بنهه بي‌وس رهيا. مان حيران ٿيس ته بيان ڇپائڻ لاءِ منهنجو پنهنجو ڪتاب موجود هو، پوءِ مونکي اهڙي ضرورت ڇو پيش اچي ها. بهرحال پنهنجي پنهنجي سمجهه آهي ان کي ڇا ٿو ڪري سگهجي.

هڪ ذمه دار اديب جي ناتي ڪلپنا کي پوري دنيا جي انسانن سان محبت آهي. هن جو ايمان آهي ته ليکڪ کي وڏي دل ڌارڻ گهرجي. ڪٿي به ڪو سياسي، مذهبي، سرحدي، ذات پات، فرقن، صوبن، زبانن، تهذيب، طبقي، جنهن ۾ رنگ پيد جو ڪو اثر هنجي نظريه حيات ۽ فلسفئي ادب تي نه پوڻ گهرجي. هو چئي ٿو، "اسان فنڪارن کي پيار ڏيڻ گهرجي هيري کان سخت.... ساگر کان گهرو." مونکي اهي سڀئي صفتون موهن ڪلپنا ۾ واضح طور نظر آيون.

ملڪه ترنم نورجهان، موهن ڪلپنا جي پسنديده گلوڪاره آهي. هو سنگيت جو بيحد گهڻو شيدائي آهي، آخر ڇو نه هجي، پاڻ به ته شهنشاهِ ادب آهي، پر پاڻ لاءِ چئي ٿو:

"برسات جي گل جيان مون ۾ نه تازگي آهي نه خوشبوءِ مون وٽ صدين جو اوجاڳو آهي.... پيت کي هٿ لايان ته انکي به ننڊ وٺيو وڃي...."

مونکي لڳو ته موهن جون اهي موهيندڙ ڳالهيون ئي هنجي شخصيت جو سڀ کان اهم پهلو آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلپنا جي لهجي ۾ ايڏو تہ خلوص هو جو منهنجون اکيون پرجي آيون.

”اسين فنڪار آهيون ماهتاب، تون منهنجي دوست محبوب جي پٽني آهين جو هڪ عظيم انسان آهي. شل تون هنجي دنيا ۾ هميشه سکي ۽ آباد هجين مگر ان کان الڳ بہ هڪ دنيا آهي جتي فنڪارن جا ناتا جسمن، عمرن، رنگن ۽ جنسن کان مٿي آهن.“

مان مات هيس ۽ ڏاڍي غور سان هن جون ڳالهيون ٿي ٻڌم، جن ۾ دورين جو درد هو.

”مونکي اميد نہ هئي تہ تو جهڙي فنڪار پيٽ ۽ دوست مونکي ايئن اوچتو ملي ويندي، انهن ئي گهڙين لاء اسين جيون ڏا اهي ئي تہ اسانجي آتما ۾ روشني ۽ سنگيت پرين ٿيون. مان ان پاڪ ۽ مقدس رشتي جي آخري گهڙين تائين حفاظت ڪندس، اسان پنهي جون دنيائون الڳ آهن ۽ اسانجو پوتر سنڀنڌ انهن جي وچ ۾ هڪ پل آهي.“

مونکي لڳو اهي حد بنديون جيڪي گذريل چونڊيهن سالن کان هنجي اندر جي اڄ، روح جو ناسور ۽ پيرن جي زنجير بڻيل آهن ان مقدس پل جي وسيلي پار ڪري، هو هڪ ڏينهن پنهنجي وطن جي مٽي اکين سان لڳائي سگهندو.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو شروع ڪان ئي ٻڪريءَ جي قيمي تي هريل آهي- ’اسماعيل جو قيمو‘ ته آدم خورن جي خوراڪ ٿئي.

طنز ۽ مزاح لکندڙ، خوش مزاج ۽ زنده دل هن انسان پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه سٺو آهي. ڪشمڪش ۽ جاکوڙن ۾ به هن گهڻي مزاحيه، طنزيه افسانا ۽ مضمون لکيا- سڏڪن ۽ لڙڪن کي ٽهڪن ۽ مرڪن ۾ لڪايو. اهائي هن جي سڀ کان وڏي سوڀ آ، سڀ کان وڏي سورهيائي آهي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي قياس ٻرين نظرن سان نهاريندي هئي ته سنهنجو ٻچڙو ڪيڏا نه ڪشالا ٽو ڪڍي .... خدا جو ڏنو هريءَ وٿ سڀ ڪجهه آهي، ڪيس اهڙي ضرورت ناهي جو هو روز سنڌو نگر اچي وڃي. پر سنڌو نگر ۾ پنهنجي نئين ٻريس کولي هن اهو ثابت ڪيو ته ڪيس سنڌ جون ڀسڪون لاهيندڙ ان علائقي سان ڪيڏي نه محبت آهي. سنڌو نگر کي اها پريس ڏيئي هن ادب سان گڏ ڄڻ سنڌو نگر کي ٻه ورسايو آهي. شال خدا هريءَ جا حوصلا سدائين بلند رکي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهيو هيو. ڏاڏا اسان تي ڇوهه ڇنڊيا هيو.“

”مان ته رڳو اها ڳالهه ڪئي ته پينر اڳ ئي گهٽ ٿيون لکن وري جو سنڌن لکيئون اهڙيءَ ريت ڇپنديون ته ڪنهن جي دل چوندي لکڻ تي.“

”پيٺ، مان جلد ئي اچي اوهانجون بدگمانيون پري ڪندس.“

آواز شخصيت جو آئينو آهي. مونکي ان آئيني ۾ هن جي شخصيت بيداغ نظر آئي. منهنجون بدگمانيون پاڻ مرادو پري ٿي ويون.

حميد سنڌي همدرد انسان آهي، هن جو قرب ۾ شفقت ڀريو انداز ڪڏهن به ذهن تان ميسارجي نٿو سگهي. بابلا، امان، منڻي پيٺ ۽ بابا جهڙا پنهنجائپ ۽ قرب جو احساس ڏياريندڙ عزت ۽ خلوص ڀريا پيارا لفظ جڏهن هن جي زباني ٻڌبا آهن ته دل کي راحت ملندي آهي.

پر انهن قربائتن لفظن جي ميڻاج مان هرڪو نه ڄاڻي. ڪنهن غير سنڌي نينگريءَ کي جڏهن اسان ڪري ڪوٺياءِين، ته هوءَ ڪاوڙجي پئي هئس. هن ليکي ته مونکي پاڻ کان وڏو بنهه ساءُ جيڏو ڪري ٿو سمجهي. پر حميد جي وضاحت ڪانپوءِ وڃي نينگريءَ جي ڪاوڙ ٿڌي ٿي.

”بس ڇا ڪريون، ڪنهن کي بابا ڪهن کي امان ڪري ٿا سڏيون سالن جا سال مڙهن جي سر پرستيءَ ۾ ڪم ڪري ڪري مڙها ٿي ويا آهيون. ڪاليجن جو ڊائريڪٽر هئس تڏهن به مڙها عقاب وانگر اکيون وجهو ويٺا هوندا هئم، هينئر ايڊيشنل ڊائريڪٽر آهيان ته به مڙها غارن ۾ ويٺي ويٺي طلسمي شيشي مان اهڙو ته ڏائڻ وارو ڏهڪاءُ ٿا ڏين جو هيانءُ ئي روڙيو وجهن. ان کان ته ميوزڪ ڊئريڪٽر هجان ها ته ڀلو هيو، پوڙهن جي ڏنل دردن جون ’پيڙائيتيون ڌنون‘ تيار ڪري پنهنجو هيانءُ ته هلڪو ڪيان ها.“

حميد ته ايئن ئي کٽي ڳالهه ڪئي، پر ان ۾ جيڪو درد ۽ پيڙا هئي، تنهن کي منهنجي حساس دل هڪ دم پرکي ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي صلاح آهي ته پوڙهن کي جوانن سان ڪم نه ڪرڻ گهرجي. گڏجي ڪم ڪرڻ سان نه رڳو جوان جلدي پوڙها ٿيندا پر جلدي لاڏاڻو به ڪري ويندا.

زنده دل ۽ خوش مزاج پوڙهن کي، پوڙهن جي قطار ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته انهن جي ساٿ مان جوانن کي ڪوبه ڇيهو نٿو رسي. البت آهي پوڙها جيڪي اصلي جڙي ٻوٽين مان تيار ٿيل يعني پوڙهاڻپ جي مڙني خوبين جهڙوڪ ڪرڪڻ، ٻڙڪڻ ۽ ڇهتڻ وغيره سان مالا مال هوندا آهن تن کي جوانن کان پاسي رکجي. پوڙهن جو پنهنجو ويڙهو هئڻ گهرجي جنهن ۾ ڪڪڙيون سنڀالڻ، ڪبوتر پالڻ، ٻاڇيون پوکڻ، گڏ ڪري ٻچ ڇنڻ ڪانوڻي سوانح عمريون وغيره لکڻ جهڙا دلچسپ مشغلا هئڻ گهرجن.

مان ڪجهه سالن کان لڳا تار پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن ڀينرن جي وڇوڙي جا ڏک سهندي آئي آهيان. پر تازو پنهنجي بي حد پياري، معصوم، سادي ۽ شريف ڀاءُ شاه محمد عباسي جي بيدرديءَ سان ڪيل خون ناحق منهنجو جيءُ بلهه جهوري ڇڏيو جنهن جو اثر صحت تي پوڻ لازمي هو. محبوب جي گهڻي زور تي به مان پنهنجو علاج نه ڪرايو. علاج ته جيئڻ لاءِ ڪرائبا آهن.

هن کي به ڪا خبر پئي، مونکي مايوس ۽ ملول ڏسي پڇيو هيائين.

”ادي طبيعت ته ٺيڪ آهي؟“

”ٺيڪ آهي ..........“

”محبوب چوي ٿو علاج نٿي ڪرائين، مان وٺي هلئين ڊاڪٽر ڪريم عباسي وٽ؟“

”مهرباني ادا، اهڙي ڪائي ڳالهه ناهي، مان ٺيڪ آهيان مونکي ڪجهه به ناهي ٿيو.“

”مون سان به ڪوڙ! يقين ڪريو ته مان توهان کي بيحد گهڻو گهرندو آهيان پر لکا نه پوڻ ڏيندو آهيان.“

”اسان کي خبر آهي ادا، ڪير ڪنهن جو سڄڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاداب من، شاداب چهرو

"ما ِهتا آ آ ب!"

بمبئي ريڊيو اسٽيشن تي انٽرويو جو پهريون سوال ڪرڻ مهل هن جنهن سُريلي انداز ۾ منهنجو نالو ورتو اهو سونکي ڏاڍو وڻيو- ڪنهن به تہ اِن سرتال واري لئہ ۾ اڳ مخاطب نہ ڪيو هئم- شايد تہ اِهو بمبئي جي مخصوص لهجي واري زبان جو اثر هجي يا هُن جو پنهنجو منفرد اسٽائيل. هو 'شاد' رهڻ وارو شاعر آهي تہ هن جي لهجي ۾ سنگيت جي سُرن واري شادابي چو نہ هجي. شادابي .... جا روشني جيان ٿيندي آهي.... جڏهن پکڙجي تہ انڌيرا نہ رهندا آهن- هن جي شخصيت ۾ بہ اهائي شادابي ۽ روشني سمايل آهي جنهن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

جڏهن بہ غزل جي گائيڪي جي بادشاهہ مهيش چندر جا گيت ٻڌان تہ ساڳي ئي ڪيسٽ ۾ ٽيپ ٿيل انٽرويو ۾ هُن جو سريلو آواز بہ ضرور ڪنن تي پئي- تڏهن هڪدم سلور بيچ جو روميٽنڪ 'نجارو' ذهن تي تريو اچي، جنهن ۾ مون، هري هرڪيولس ۽ هُن سمنڊ جي مسحورڪن موسيقي کان لطف اندوز ٿيندي، ريڙهي واري کان ناريل جو پاڻي وٺي پيتو ۽ ڪا دير ان ڪليل فضا ۾ چهل قدمي ڪندا رهياسين- ان روميٽنڪ 'نجاري' جي باري ۾ ڪنهن سڄڻ پڇيو هئم تہ مون 'اندر جنين اَڄ' ۾ ان کي 'نظارو' بدران 'نجارو' چو لکيو؟ ڀلا اِها بہ ڪا پڇڻ جي ڳالهہ هئي، جنهن روميٽنڪ نظاري ۾ منهنجو محبوب ساڻ نہ هجي تہ انکي 'نجارو' ئي تہ چئبو.

شاعر حضرات گهٽو ڪري نا شُڪرا ٿين- راهہ گناهہ جو پڻ پاراتن وارا تخلص رکي پنهنجي ڀاڳ کي پيا پيڙو ڏيندا- اهو نٿا سوچين تہ 'زخمي'، 'بکايل'، 'ڏکايل'، 'روڳي' وغيره جهڙا تخلص رکي هو پنهنجي پير تي پاڻ ٿا ڪهاڙو هڻن. آخر سياڻا، وات مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٺائي وائي ڪيڻ جو سبق ايئن تہ نہ ڏيئي ويا آهن.

تخلص بہ اسم بامسمي جيان ڪنهن ڪنهن نالي سان ٺهڪي اچن- هُن جي تخلص جي چونڊ بہ تحسين جوڳي آهي- اهو شاعر ڪيئن نہ 'شاد' رهندو جنهن پنهنجي خوابن جي ملڪ سان شادي ڪري هميشه لاءِ ڪيس ساه ۾ سوگهو ڪيو هجي- اها پاڳين پري خاتون موهني سير چندائي ئي تہ آهي جنهن هن جي ڪيترن ئي مذر گيتن کي پنهنجي ڪوئل جهڙي موهڻي آواز ۾ ڳائي امر ڪيو آهي- اهو شاعر بہ ڪو اوپرو نہ، سنڌيت جو شيدائي، ڊاڪٽر ارجن 'شاد' آهي جنهن 'جيئي سنڌي ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني لولي' جهڙا لافاني نظم لکي ادب جي دنيا ۾ وڏو مان حاصل ڪيو آهي- سندس اها نظم ايڏي تہ مشهور آهي جو ليکڪ انجون سٺون فخر مان پنهنجي آٽوگرافس ۾ لکندا آهن- مان بہ ان شاندار نظم لکڻ ڪري ڪيس خراج تحسين ڏيندي چوندس:

"جيئي ارجن شاد، جنهن لکي اها مٺي لات."

مان شاعر تہ ناهيان تنهنڪري رديف وغيره جون ڊگهون چڪون، ڪميون بيشيون، آزاد نظم جي 'ٻچاءُ بند' واري ايڪٽ موجب معاف ٿيڻ گهرجن.

هونءَ بہ ليکڪ بنهہ ڪا پابندي قبول نہ ڪن- پر هرو ڀرو ايئن بہ نہ ڪرڻ گهرجين جيئن مائي رونا ليليءِ ڳايو آهي:

"مان تہ بيٺي آهيان لاهي پاهي!" آزادي تہ هر انسان جو پيدائشي حق آهي پر ذهن ۽ روح جي آزادي جا اختيار تہ روحاني ڪورٽن ۾ ئي ملن- باقي الله الله خير صلاءِ! ارجن 'شاد' آزاد ديش جو شاعر آهي- سندس شاعري پڙهندي لڳندو اٿم تہ ڪن موقعن تي هن پنهنجي روح کي زنجيرون پارايون هجن.... هو ڪيترو ئي شاد ڇو نہ هجي، پوءِ بہ باخبر آهي آنهن ڏکن کان جيڪي مخصوص حالتن هيٺ هر سنڌي ڀوڳي رهيو آهي- هو ڏکن کي پنهنجي شادابيءَ سان شرمندو ڪري ڇائي .... هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آهہ، آهہ

وڏين وڏين ﭼپن ڪيس رعبدار ضرور بنايو آهي پر چهري جي معصوميت کي لڪائڻ ۾ هرگز ڪامياب نہ ويون آهن- هنجي معصوم ۽ سنجيده صورت ڏسي اڪثر ماڻهو دوکو کائي ويندا آهن.

بظاهر سنجيده ۽ ماٺ رهڻ وارو جليل، جڏهن پنهنجي مخصوص لهجي ۾ ڳالهائيندو آهي تہ سندس معصوم چهرو ڪنهن شرير ٻار وانگر چمڪي پوندو آهي، يا ايئن ڪٽي چئجي تہ والٽ ڊزني جي ڪيريڪٽر Bugs Bunny جيان هڪ ئي وقت ۾ شرارتي ۽ معصوم لڳندو آهي.

'بربادي' ۽ 'تباهي' سندس pet word آهن. جن جو استعمال جيتوڻيڪ موقعي مهل جي لحاظ کان سهڻي طرح ڪندو آهي، پر ان هوندي بہ هڪ پيٽ جي حيثيت سان مان سندس واتان اهي لفظ ٻڌي ڏڪي ويندي آهيان. وهم وڪوڙي ويندا اٿم، ۽ انهن منحوس لفظن جي عادت کان کيس منع ڪرڻ چاهيندي بہ نہ ڪري سگهندي آهيان ڇو تہ هو ان وقت اهڙي تہ خوشگوار موڊ ۾ هوندو آهي جو جهلڻ يا ٽوڪڻ مناسب نہ لڳندو اٿم.

مثال طور، ڪا سٺي ڊش ڏسندو تہ ان جي پسنديدگيءَ جو اظهار بہ هن ريت ڪندو:

'بربادي! اصل تباهي.'

سٺن کاڌن کائڻ جو بيحد گهڻو شوقين آهي. چٽپٽيون شيون تہ سندس ڪمزوري آهن- جهڙوڪ فلائنگ ساسر، گول گپا، چولا ڊبل، ۽ خاص ڪري بي - ايچ ڪينٽين جا ڪباب.

ادي تسنيم، بقول جليل جي 'Woman' جيڪا ويچاري منجهند جو ٽين بجي تائين سندس انتظار ۾، بک ۾ پاهہ پئي ٿيندي آهي، تنهن کي جليل جا اهي لفظ تہ:

"بک ڪونہ لڳي اٿم، پوءِ کائيندس" اصل ڪاوڙائي وجهندا آهن. شڪ شبها الڳ وڪوڙي ويندا اٿس. آخر گهڻ

ڪري سگهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته اهو دور ئي ناقابل برداشت آهي. ڇو ته جليل جي تحريرن ۾ جيڪا برائي آهي، جيڪو اعتراض آهي، ڏوهه يا گناهه آهي، سو سندس نه، پر اِن عهد ۽ اِن دور جو ڏوهه آهي- موجوده نظام جو نقص آهي.

جليل هنگاما ۽ عمل پسند ناهي- هو سوسائٽي ۽ سماج کي جنهن حال ۾ ڏسي ٿو، تنهن ئي حال ۾ اسانجي اڳيان پيش ڪري ٿو. هن زندگي جي سنگين ۽ تلخ حقيقتن کي بي نقاب بنائي ڇڏيو آهي. هو جيڪو ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو، انهيءَ کي پنهنجي فن جو موضوع بنائي ٿو. هو شروع کان هيل تائين زندگي جي تلخ حقيقتن جو ترجمان ۽ عڪاس رهيو آهي، ۽ انهيءَ کان انڪار ناهي ته سندس حقيقت نگاري صحيح شعور جو نتيجو آهي.

جليل زندگي ۽ انجي مختلف شعبن جي ويجهو رهيو آهي، ان ۾ گهڻي دلچسپي پڻ ورتي آهيس- ان جي هر ڳالهه کي شدت سان محسوس ڪندي، هرطرح سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، اهڙيءَ ريت زندگيءَ جون سڀ حقيقتون هن آڏو بي نقاب ٿي پيون آهن. انڪري ئي حقيقت پسند، ڪيس عوامي اديب ڪري مڃين ٿا.

آخر ۾ منهنجي دعا آهي ته خدا هنجي وڏي ڄمار ڪري، جيئن هو سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهي.

............

عرصو ٿيو ته جليل، سنڌ سدوري کي ڇڏي وڃي پوٺوهار جا وڻ وسايا آهن- جن سڄڻن سان هو گهڻي وقت کان نه مليو هوندو يا پنهنجين مصروفيتن ۾ ڪين وساري ويٺو هجي، تن کي ’تنهنجون منهنجون ڳالهيون‘ ۾ لکيل سندس چاهتن جي دستور جون هي سٽون ياد ڪري لاشڪ ته آٿت ملندي هوندي ته:

”جڏهن به ڪنهن لاءِ منهنجي عقيدت، حب ۽ پيار انتها جي سرحدن کي اورانگهي ويندا آهن تڏهن ان هُن سان نه ملندو اهيان- اهو منهنجي چاهتن جو دستور آ!“

—

ڏسڻ کان محروم رهيس.

گوبند پنجابي اصل ڪوئٽه جو آهي- بمبئي جي مشيني زندگيءَ کان بيزار ٿي ڪوئٽه جا ڏينهن ياد پوندس ته مهابيشور هل اسٽيشن، جيڪا بمبئي کان ٣٠٠ ڪلوميٽر پريان آهي، اوڏانهن ويندو يا پوءِ پونا وڃي هفتو ڏيڍ رهي ڪوئٽه جي سڪ لاهيندو. کيس لڳندو ڄڻ سچ پچ ڪوئٽه پهچي ويو هجي. پونا جون خشڪ ٿڌيون هوائون، پهاڙ، وڻڪار ۽ سادا سودا مهذب سڀاءُ جا ماڻهو کيس ڏاڍو متاثر ڪن.

جڏهن به سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪا شيءِ ڏسندو ته هڪدم کيس پنهنجو وطن ياد ايندو- آتان جا نظارا، گهر ۽ گهٽيون اکين اڳيان تري ايندس. شڪارپور ۾ پير اسماعيل شاهه جي مقبري جي سامهون اسٽور گنج مارڪيٽ پرسان هن کي پنهنجو اهو گهر بيحد ياد ايندو آهي جنهن ۾ هن ننڍپڻ گذاريو. جوان ٿيندي وري ڪوئٽه هليو ويو. اتي ڪنڌاري بازار پٺيان هن ذاتي بنگلو جوڙايو هو- اهي ڏينهن ياد ڪري کيس لڳندو آهي ڄڻ سڀ ڪجهه سهانو خواب هو.

گوبند پنجابي نه رڳو سنڌي ادب کي پنهنجن اصلوڪين ڪهاڻين ۽ ترقي پسند خيالن سان ورسايو آهي پر انجي خدمت ڪندي ادب ۾ پنهنجي لاءِ منفرد مقام حاصل ڪيو آهي. هو اڄڪلهه اهڙو ناول لکڻ لاءِ سوچي رهيو آهي جيڪو ١٩٤٠ کان ١٩٨٠ تائين واري عرصي ۾ ٿيل وارداتن جو هڪ داستان هوندو، جنهن ۾ هڪ ئي ڪردار ٽي ملڪن جي ورهاست ۽ آزاديءَ واري هلچل جو ذڪر هوندو- ڏسجي ته هوڪڏهن ٿو اهو ناول لکي پڌرو ڪري.

سندس ڪهاڻين جيان ئي هن جا ويچار به متاثر ڪندڙ آهن. مڙني مذهبن لاءِ کيس وڏو احترام آهي پر اهڙا ماڻهو جن طاقت جي تڪبر ۾ مذهب جي غلط معنيٰ ذهن ۾ ويهاري آهي تن تي کيس افسوس آهي ته خبر ناهي آهي ڪهڙي خدا جا پرستار آهن، خدا ته وسي ٿو خلق ۾، پر کين نظر ٿو اچي دشمني ۽ نفرت ۾! مهذب يا ڌرم ته خدا سان ملڻ جا جدا جدا رستا آهن. ڪير ڪهڙي رستي تي وڃي ان جو فيصلو ان شخص کي ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملو وري به ڏيک هو پر مونکي جيڪا ڳڻتي ۽ ڳاراٽو اچي ٿيو سو اهو ته ڪٿي هر ڪنهن جو نه ايئن استقبال ٿئي. آخر نياٽيون سياٽيون به ته اچٽيون هيون. پر پوءِ ڏٺم ته اهو 'راٽي جو راز' رڳو شمشير تي هيو ڇو ته شمشير هو 'شيشو باشو' ڪو 'لوهه مروڙ' هجي ها ته اهڙي جريت ئي نه ڪن ها. لک شابسون هجن بيدل مسرور کي جنهن الطاف جي چوڻ کي مان ڏيئي اسانجي عزت افزائي ڪندي پنهنجي پر سوز ۽ سحر انگيز آواز ۾ دعوت جي رونق وڌائي.

تنهن ڏينهن الطاف 'مودڙي' ۾ هجي، ويتر جو سندس ڪلام تي تاڙين جو ڦهڪو پئجي ويو ۽ سڀ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳا ته الطاف پنهنجي مقبوليت ڏسي ذري گهٽ جهمر جو ڪرتب ڏيکارڻ وارو هيو پر محبوب وٽي جهليس.

اسانکي رسڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ هن جي عادت نه پر هجت آهي ۽ هجت هميشه پنهنجن سان ئي ڪبي آهي. جن کي پنهنجو ڪري سمجهبو آهي، رڳو مائٽ ئي ته پنهنجا نه هوندا آهن. مونکي اڪثر فون ڪري چوندو:

"ادي تون جي نه ايندينءَ ته مان اڄ جو فوٽو پٽ تان لاهي ڇڏيندس!"

ماسيءَ جي اها تصوير منهنجي آباڻي گهر نڪتل هئي جا هن انلارج ڪرائي پنهنجي بيڊ روم ۾ ٽنگي ڇڏي. اها تصوير کيس هميشه ياد ڏياريندي آهي ته اسانجو سنگ ۽ ساٿ ڪيڏو نه پراڻو آهي ۽ ان ماءُ جي ناتي اسين پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ ٿيون. ماءُ، جيڪا هن کي چنبڙ، مَن ۾ عطن جهڙن پيارن نالن سان ڪوٺيندي هئي جنهن سان کيس بيحد گهڻي عقيدت ۽ پيار آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سندس ڳالهيون ڏاڍيون عجيب ته به وڻندڙ لڳنديون آهن. تن ڏينهن نئين نئين شاعري ڪئي هئائين. مان به اڃا اباڻي گهر ۾ هيس. اسانجي ڳالهه جو موضوع ته خبر ناهي ڇا هو پر ڏاڍي فلاسافائي انداز ۾ ٿي ڳالهايائين، جنهن جو حاصل مطلب هو ته بيغرض پيار جو ڪو وجود ئي ناهي. ايتري قدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا امتحان وغيره تي وڃن“

ڪافي دير ڳالهائڻ کانپوءِ اسان هڪ ٻئي کان موڪلائي فون رکيو. ڪجهه ڏينهن بعد صبح جو سوير زيبا جو فون آيو.

”خير ته آهي!؟“ مان حيران ٿيندي پڇيو. ”ها ڀاءِ، سڀ خير آ، چنڊ مان ڳالهايو“، هن الطاف کي فون ڏيندي چيو. هو ايئن ڪالي ڳالهائڻ لڳو ڄڻ ڪائي ناراضگي نه هئي. خوش خير عافيت بعد پڇيو مانس:

”ٻڌو اٿم ته اوهان اسانکي سڃاڻو به ڪونه.“

”ڪير ٿو چئي.“

”ڪنهن توهان کان اسانجي ايڊريس گهري هئي ته اوهان سڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪيو.“

”اهڙي ڪائي ڳالهه ناهي ڪنهن غلط چيو هوندو“، هو کلڻ لڳو. ”غلط چوڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي، شاهدي لاءِ ٻيا به آتي ويٺا هئا“، مون انهن جا نالا ڳڻندي چيو.

هو وري به کلڻ لڳو ۽ چيائين:

”منهنجو مطالب اهو نه هوندو مان خبر ناهي ان مهل کهڙي موڊ ۾ هئس ڳالهه نه سمجهي هوندم“، هن ڄڻ نيم اعتراف ڪيو. هاڻ هن جي نه سڃاڻڻ واري ڳالهه ۾ مونکي سندس هجت گاڏڙ روسامو صاف نظر اچي رهيو هو.

”خير خير، هاڻي اها ڳالهه ختم.“

”سالگره تي ڇو نه آيا هئا“، هن پراڻو راڳ الاپيو.

”گاڏي نه هئي تنهن ڪري نه آيس.“

”مان جو گاڏي ٿي موڪلي پوءِ به نه آيا.“

”مان زيبا کي ان جو سبب ٻڌايو هو.“

”مونکي ته ڪونه ٻڌايو هئائين.“

جڏهن مون ڪيس پنهنجي نه اچڻ جون مجبوريون ٻڌايون ته چيائين، ”تڏهن ڇو نه ٻڌايئي.“

”ڇا ڪريان ها ٻڌاءِ، ڪارڊ به ڇپجي ويا هئا، سڄو پروگرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽائيمز فونوگرافر، ڀاءُ نور محمد، جيڪو اديب ناهي پر جنهن جي گفتگوءَ جي انداز ۾ سونکي فنون لطيفه جا هڙئي رنگ سمايل نظر ايندا آهن، سو پڻ پوپٽيءَ سان مليو آيو ۽ سندس خوش اخلاقي توڙي مهمان نوازي کان بيحد متاثر ٿيو.

پوپٽي پنهنجي سوانح حيات جي آخر ۾ لکيو آهي،

”هاڻي منهنجي زندگيءَ تي رات جو پاڇو پئجي چڪو آهي ........“

ڪيس خبر هئڻ گهرجي ته شفق پري شام ڪانپوءِ جيڪا رات ايندي آهي آن جي دامن ۾ جرڪندڙ تارا آهن جن جي مڌر روشني ڪيس ڪڏهن به اونداين ۾ گم نه ٿيڻ ڏيندي.... سندس سندر، من مندر ۾ پرندڙ لاٽ کي ڪوبه طوفان اُجهائي نه سگهندو.

—

شرمسار آهيان.“ تڏهن قرب مان وراڻيو هئائين: ”مان پنهنجن پيارن سان ميارون نه ڪندي آهيان، تون منهنجي دلبر دوست آهين، پنهنجا روحاني رشتا آهن.“

’برسات‘ ۾ شايع ٿيل منهنجي مضمون جو ذڪر ڪندي چيائين: ”تو مونکي خاتون اول ڪري لکيو آهي، يونيورسٽيءَ ۾ مونکي سڀ انهيءَ لقب سان مخاطب ڪري تنگ ٿا ڪن. اهو به چون ٿا ته بيگم ڀٽو نه ڪاوڙجي پوي.“

”ڇو ڪاوڙبي، هوءَ ته سياسي خاتون اول هئي ۽ تون سنڌي ادب جي خاتون اول آهين- اهو خاص منهنجي طرفان خطاب آٿئي ۽ هاڻ ان خطاب سان ئي تون ياد ڪئي ويندينءَ.“

”مان به توتي هڪ مضمون لکڻ واري آهيان.“ شرارت مان ڪلندي چيو هيائين.

”مونکي اگهوات ڏيکاريندينءَ نه؟“ خوشيءَ مان پڇيومانس.

”ها دلبر، ضرور ضرور!“

ڳالهائڻ مهل گهڻو ڪري ادبي اهڃو ۽ لفظ استعمال ڪندي هئي- جيڪي ڪڏهن ڪڏهن فون تي سندس ڌيمي آواز سبب ويتر مونکي سمجهه ۾ نه ايندا هئا. تنهن ڏينهن اهو به چيومانس:

”مونکي احساس ڪمتريءَ ۾ ته نه وجهه ثميرا، تنهنجي گفتگو خالص ادبي قسم جي آهي ڪيترن لفظن جو ته مطلب ئي سمجهه ۾ نٿو اچيم، مون جهڙن لاءِ ته سليس سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ڪر.“

تڏهن هوءَ کلي پئي هئي ۽ شاعرائي انداز ۾ مونکي پڏائڻ لڳي، پر مان هڪ نه مڃي مانس. اسان جون ڳالهيون کٽيون ئي نه پي. مون چيو مانس ته مان هڪ ٻن ڏينهن ۾ تو وٽ ايندس. چيائين: ”ضرور اچجانءِ، يونيورسٽي مان شام پنجين وڳي موٽندس، تون اچجانءِ ته رات جو ڏهين يارهين وڳي تائين ويهي ڳالهيون ڪنداسين- مزيدار ڳالهيون پڏائيندي مانءِ.“

ٻارهين آگسٽ جي شام موڪلائڻ واري هئي- سائنس جي

وڏي ڀاڱي جي بيوقتي موت ڪيس ڏينهون ڏينهن گهٽتين ۾ ڳاراڻ ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ گهڻو اداس رهڻ لڳي هئي. شب برات واري ڏينهن کان سندس طبيعت ڏاڍي خراب ٿي پئي جنهن کي ڊاڪٽرن، گهٽتين ۾ فڪرات سببان معدي جي ڪمزوري ٻڌايو. يونيورسٽيءَ جي غلط ٽائيم ڪري، وقت سر ماني نه کائڻ ويتر معدي تي خراب اثر وڌس ۾ سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪرندي وئي. ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ٿيڻ جي خبر اڳ ئي پئجي چڪي هئي، ڏڪويل ماڻ کي چوندي هئي:

”امي، هاڻي نه بچندي ماڻ، مان ويندي ماڻ هلي.“

جڏهن مونکي به آخري خواهش ٻڌائي هيائين تڏهن مون کيس چيو هو ته اهڙيون وايون نه ڪر. پر هاڻي ته مان به ٿي پڇتايان ته مون سندس اِها خواهش، تهسندس آخري آرام گاهه مرن بدران خوبصورت جلد وارن ڪتابن سان ٻڌي وڃي .... پنهنجي مضمون ۾ چيو لکي. مون کي نه لکڻ کپندي هئي.

ٿميرا پنهنجو سفر پورو ڪري هلي وئي، سياڻي مان به هاي ويندس. اسين پراڻي اسٽوري وانگر محض هڪ ياد بنجي ويندا سين.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قربائتي مزاج واري ليکڪا

رشيده حجاب هڪ سٺي ڪهاڻيڪار ۽ هڪ سٺي سڀاجهڙي خاتون آهي. جنهن ۾ قدرت اهي ٻئي خوبيون سخاوت سان ڏنيون آهن.

ڪير هڪ دفعو سندس دوستي جي دائري ۾ داخل ٿئي ٿو ته پوءِ سندس مٺڙين ڳالهين ۾ اچي يا عمر سندس قربائتي مزاج جو مداح بڻجي وڃي ٿو. سندس سانورڙي رنگ، سڀاجهڙن نقشن ۽ مٺڙي زبان ۾ اهو حسن آهي جو اڇون چمڙيون ۽ ميڪس فيڪٽر گالا جون ليپيل شڪلون مٿس گهوري ڇڏجن.

هوءَ منهنجي پياري دوست آهي. اسين نه ملندا آهيون ته سال گذري ويندا آهن ۽ جي ملندا آهيون ته پوءِ پيا ملندا آهيون.

هو پنهنجي ڪردار ۽ ڳالهين جي ڪري هر پيري ڏاڍي آتاهين لڳندي اٿم، پهاڙ جيان بلند ۽ اڏول.

تنهن ڏينهن ١٤ آگسٽ ١٩٨١ تي وري ٻه ٽن سالن کانپوءِ اسانجو ملڻ ٿيو. هن ڏاڍي سڪ مان مونکي پنهنجن ٻن نياڻين جي آسين جو سڏ ڏنو. پر ان ڏينهن ادا حميد سنڌي امريڪا مان اچڻو هو، اسان ڪيس رسيو ڪرڻ لاءِ ڪراچي وڃڻا هئاسين تنهنڪري پنهنجي اچڻ جي پوري خاطري نه ڏيندي به ٻئي ڏينهن تي ملڻ جو پڪو واعدو ڪيو هاس. پر پوءِ محبوب جي هيڊ آفيس مان سرڪاري آرڊر اچي ويا جنهن موجب کيس پنهنجي آفيس جي سموري اسٽاف جي اڳواڻي ڪندي صبح سان قومي ترانو ڳائڻو هو ۽ 'فنڪار' واري سنڌس فرٽيلائيزر جي آفيس کي سينگارائڻ سنوارڻ جون پڻ سموريون سر انجاميون ڏيڻيون هيون. انڪري حميد ڏي نه وڃي سگهياسين هو ته پوءِ ان شام پهچي ٻه ويو ۽ مان رشيده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا فرض ٿي پارياڻين- ڇگو جو ته گهڙيون اڳ ۾ آيس جو ساڻس ٿوري ڪچهري ٿي سگهي.

منهنجي آبزرويشن آهي ته ميلاد پڙهڻ واريون گهڻو ڪري سرءُ جي ساڙيل پنن جيان پيليون ۽ پراسرار ٿين- جڏهن ته چوطرف رنگ پکڙيا پيا هجن، اهڙي وقت نظرون رڳو مٿن ڪيئن ٿي ٽڪي سگهيون.

رڳو ريڊيو يا ٽي - وي ۽ تان ئي اهڙا پراسرار سُر پڌبا آهن ته بڻ ڪي هڪ ئي مرونو ڏيئي انهن ڪي گُهٽي چڏبو آهي.

هو ويچاريون پنهنجا سُرَ ٺاهڻ ۾ پوريون، ته مان مهمان عورتن جو جائزو وٺڻ ۾ مگن. ڏٺم ته اهي به هڪ ٻئي ڏي نه رڳو نهاري رهيون هيون پر مولودياڻين ڪان اک بچائي سنهڙيون ڳالهيون به ٿي ڪيائون.

مولوديائين نماز لاءِ وقفو ڪيو ته وجهه ڏسي مون به رشيده ڪان موڪلايو.

”ايڏي تکڙ ڇو؟“ هن حيرانيءَ مان پڇيو.

”ٻارن کي ١٤ آگسٽ جا ’چراغان‘ ڏيکارڻا آهن.“ ورائيم.

”ته وڃ، وري موٽي اچ، ماني ڪائڻ ڪانسواءِ نه ڇڏيندي مانءِ“ هن ڏاڍي قربن مان چيو.

”سچي ڳالهه اِها آهي رشيده ته مان جڏهن به دعوتن ۾ وئي آهيان ته ڪجهه ڪائڻ پيئڻ بنا ئي هلي ايندي آهيان، گوڙ ۽ افراتفريءَ ۾ گرهه به نڙيءَ مان نه لنگهندو اٿم.“

منهنجي ڳالهه تي هن کلندي چيو:

”منهنجو به ته اهو حال آهي، مان به ڪجهه نه ڪائي سگهندي آهيان.“

”پوءِ ته تون مونکي خوشيءَ سان اجازت ڏي.“

”ايئن وري ڪيئن ٿيندو، تون به مون وانگر پاسو ڪري ڪٽي ماني ڪائجان.“

”بس تو چيو، سمجهه ته مون ڪاڌي.“

بهرحال گهڻي هيل هجت سان اسان موڪلايو- پر اڳيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشيده وٽ ٻه قربن جا انبار آهن- هن وڏا وڙ ڪري گهر ويڻي ئي طعامن جا طشت ڏياري موڪليا.

اڄڪلهه هوءَ سڪرمان بدلي ٿي، هتي زبيري هوم اڪنامڪس ڪاليج جي پرنسپال مقرر ٿي آهي. خدا ڪري جتي ٻئي هجي سدائين خوش رهي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند سنڌ جو ناميارو ۽ هر دلعزيز گلوڪار سنگيت آچاريا ماسٽر چندر، ڪيس پيارن مان 'گلدستو' ڪري سڏيندو آهي- ۽ نهلرام آزاد ان نانءُ سڏجڻ تي سچ پچ تہ گلن جيان پيو ٽڙندو آهي.

ڪراچي ايئرپورٽ تي قدم رکندي ئي هن جيڪي لفظ چيا آهي منهنجي هيانءُ ۾ کپي ويا.... سرزمين سنڌ تي سامت جو ساهہ کڻندي هن چوڏاري ايئن ڏٺو ڄڻ سڄي سنڌ ڌرتي هڪ ئي نهار ۾ پنهنجي اکين ۾ سمائي ورتي هجيس.... پوءِ درد ڀري مرڪ مرڪندي چوڻ لڳو:

"چوڏهن سالن جو سفر مون ڀڻ ڪلاڪن ۾ طئي ڪيو....
يا ڀڻ ڪلاڪن جو سفر مون چوڏهن سالن ۾ پورو ڪيو آهي!"

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄا ڪيئي جنم وٺي هڪ ڏينهن سدا لاءِ وڇڙي ويندا سين .... انهن ئي فضائن ۽ هوائن ۾ دونهين جيان تحليل ٿي ويندا سين.... دونهن، جيڪو ڪائنات ڪان به وسيع دل جي دنيا ۾ ڇهاتي پاڻ سان ڇٽو نظر ايندو آهي .... جنهن ۾ هڪ ئي آواز پيو گردش ڪندو ....

’دلبر هن دنيا ۾ وهي رهندو واس
ٻئي سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪول هوندو هيڪڙو.‘

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ايشيائي ادب ۾ اضافو

سرحد جي سنڌ طرف سنڌي ڪهاڻيءَ کي پهريون اوج ثميره زرين ڏني آهي ۽ سرحد جي هند طرف سندري اتمچندائي، مگر سنڌ جي تاريخ ۽ مرڪب سنڌي ڪلچر جو ڪو پختو تصور ۽ ذاتي طور مونکي سنڌي ڪهاڻيءَ جي، فن، فڪر، مزاج ۽ انجي ترقيءَ جي مرحلن جي صحيح ڄاڻ آهي ته اها ڳالهه چوڻ ۾ مونکي ذري به هٻڪ نٿي ٿئي ته، ماهتاب محبوب سنڌ ۽ هند جي سنڌي ادب جي خاتون اول آهي.

مون، ماهتاب محبوب جا لکيل کي خاڪا پڙهيا آهن. اهي خاڪا نه آهن مگر ڪن فنڪارن جا جاندار بت آهن. جنجا ڪنڌ ۽ ڪلها اوچا ۽ دنيا جي فنڪارن جي برابريءَ جي سطح جا آهن.

مهان، مگر، خبر نه آهي، ڪير آهي؟ اهي فنڪار، جن ماهتاب کي لکڻ لاءِ اتساهه ڏنو يا ماهتاب خود، جنهن هننجي آتما ۾ ليٿو پائي ايشيا جي ادب ۾ هڪ وڏيڪ عالمي ڪتاب جو اضافو ڪري ڇڏيو.

موهن ڪلپنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منگل ۲ نومبر ۱۹۸۲

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book